DISASTERS EMERGENCY COMMITTEE

care

FRDP



بکرین جي پالنا

بابت تربیت

منصوبي جو نالو

ضلعي دادو ۾2022 جي ٻوڏ ستايل ٻهراڙي جي عورتن کي لائيواسٽاڪ پولٽري ۽ ڪيش گرانٽ مهيا ڪرڻ ۽ تربيت وسيلي ڪاروباري صلاحيتون وڌائي کين معاشي طور مظبوط ۽ خود مختيار بنائڻ

منصوبي جو مقصد

ايف آر ڊي پي پاران ڪيئر انٽرنيشنل پاڪستان جي تعاون سان ضلعي دادو جي خيرپور ناٿن شاهه تعلقي جي ٻوڏ ستايل گهرائن ، جنهن ۾ ٻڪريون، ڪڪڙيون پاليندڙ ۽ ننڍا ننڍا ڪاروبار ڪندڙ عورتن جي ٻوڏ ۾ ٿيل نقصان جي پورائو ڪرڻ ۽ انهن کي بااختيار بنائڻ لاءِ هي منصوبو جوڙيو ويو آهي

مالي معاونت ڪندڙ ادارو

ڊزاسٽرس ايمرجينسي ڪاميٽي (DEC)

تعاون ڪندڙ ادارو

ڪيئر انٽرنيشنل پاڪستان (CIP)

عملدرآمد ڪرائيندڙ ادارو

فاسٽ رُورل ڊولوپمينٽ پروگرام (FRDP)

تحرير

نور نبي پنهور (پراجيڪٽ مينيجر دادو)

۽ ڊاڪٽر ڪبير علي ڪلهوڙو

ليڪ پاران

هي هڪ اهڙو منصوبو آهي جنهن جو مقصد هنرمند ۽ ڪاروباري عورتن جي ترقي کي هٿي وٺرائڻ آهي، هن منصوبي جو بنيادي مقصد2022 ۾آيل مها ٻوڏ دوران هنرمند ۽ ڪاروباري عورتن جي ٿيل نقصان جهڙوڪ ڪڪڑين ۽ ڪڪڑين جو مري وڃڻ يا ننڍي سطح تي ڪاروبار جي نقصان جو پورائو ڪرڻ ۽ اهڙين عورتن کي بااختيار بنائڻ آهي

منصوبي جو تعارف

ايف آر ڊي پي پاران، ڪيئر انٽرنيشنل پاڪستان جي تعاون سان هي منصوبو900 گهرانن جي هنرمند ۽ ڪاروباري عورتن جي 2022 جي مهاڀوڏ ۾ ٿيل نقصان جو پورائو ڪرڻ ۽ انهن کي بااختيار بنائڻ لاءِ ڪارآمد ٿيندو جنهن ۾ هيٺين طريقن سان مدد ڪئي ويندي

- 300عورتن کي پڪريون ڏيڻ ۽ اُن سان گڏوگڏ پڪرين جي پالنا، بيمارين کان بچاءَ ۽ ٽڪن وغيره جي تربيت ڏني ويندي
- 300عورتن کي آنا ڏيندڙ ڪڪڑيون ۽ اُن سان گڏوگڏ ڪڪڑين جي پالنا، بيمارين کان بچاءَ ۽ ٽڪن وغيره جي باري ۾ تربيت ڏني ويندي
- 300عورتن کي ڪيش گرانٽ ۽ اُن سان گڏوگڏ ننڍي ڪاروبار کي وڌائڻ ۽ وڌ کان وڌ منافع واري ڪاروبار جي چونڊ ڪرڻ جي باري تربيت ڏني ويندي

هن منصوبي سان ٻوڏ سٽايل گهرانن جي هنرمند ۽ ڪاروباري عورتن جي بهتري ۽ روزمره جي زندگي معمول تي ايندي ۽ اهڙي ريت ٻوڏ ۾ ٿيل نقصان جو پورائو ڪيو ويندو

منصوبي جون سهولتون

ٻوڏ سٽايل پهرازي جي هنرمند ۽ ڪاروباري عورتن کي هيٺين شعبن ۾ سهولتون مهيا ڪيون ويندين جنهن ۾

پڪريون پالينڈڙ عورتن جي سهڪار ۽ خود مختيار بنائڻ	ڪڪڑيون پالينڈڙ عورتن جي سهڪار ۽ خودمختيار بنائڻ	گهريلو سطح تي ننڍا ڪاروبار ڪندڙ عورتن جي سهڪار ۽ خود مختيار بنائڻ
300 عورتن کي پڪريون مهيا ڪرڻ ۽ پڪرين کي پالڻ جي ضروري سامان جي ڪٽ مهيا ڪرڻ	300 عورتن کي آنا ڏيڻ واريون ڪڪڑيون مهيا ڪرڻ ۽ ڪڪڑين کي پالڻ جي ضروري سامان جي ڪٽ مهيا ڪرڻ	300 عورتن کي ڪيش گرانٽ مهيا ڪرڻ
300 عورتن کي پڪرين جي پالنا، بيمارين کان بچاءَ ۽ ٽڪن وغيره جي باري ۾ تربيت ڏيڻ	300 عورتن کي ڪڪڑين جي پالنا، بيمارين کان بچاءَ ۽ ٽڪن وغيره جي باري ۾ تربيت ڏيڻ	300 عورتن کي پنهنجي ننڍي ڪاروبار کي وڌائڻ ۽ منافع بخش ڪاروبار جي چونڊ ڪرڻ بابت جي تربيت ڏيڻ

منصوبي جو تربيتي جدول

ٻڪرين پالڻ وارين عورتن جي تربيت

هن منصوبي تحت ايف آر ڊي پي جي نمائندن ۽ لائيواسٽاڪ جي ڊاڪٽرن طرفان ٻڪريون پاليندڙ عورتن کي هڪ ڏينهن جي تربيت ڏني ويندي، جنهن ۾ ٻڪرين جي پالنا، بيمارين کان بچاءُ ۽ ٽڪن وغيره بابت تفصيلي ڄاڻ مهيا ڪئي ويندي

ڪڪڙين پالڻ وارين عورتن جي تربيت

هن منصوبي تحت ايف آر ڊي پي جي نمائندن ۽ پولٽري جي ڊاڪٽرن طرفان ڪڪڙيون پاليندڙ عورتن کي هڪ ڏينهن جي تربيت ڏني ويندي، جنهن ۾ ڪڪڙين جي پالنا، بيمارين کان بچاءُ ۽ ٽڪن وغيره بابت تفصيلي ڄاڻ مهيا ڪئي ويندي

ننڍن ڪاروبار ڪرڻ وارين عورتن جي تربيت

هن منصوبي تحت ايف آر ڊي پي جي نمائندن ۽ ڪاروباري ڪنسلٽنٽ جي طرفان ننڍن ڪاروبار ڪندڙ عورتن کي هڪ ڏينهن جي تربيت ڏني ويندي، جنهن ۾ ڪاروبار کي وڌائڻ ۽ منافع بخش ڪاروبار جي چونڊ ڪرڻ بابت تفصيلي ڄاڻ مهيا ڪئي ويندي

ٻڪرين جو تعارف



انسان لاءِ خوراڪ جي ضرورتن ۾ اضافي جي ڪري ٻڪرين پالڻ جو ڪاروبار هڪ منافع بخش ڪاروبار جي طور تي اڀري رهيو آهي

ٻهراڙي ۾ گهريلو سطح تي گهڻو ڪري عورتون ٻڪرين جي پالنا ۽ سارسنڀال ڪنديون آهن، جيڪڏهن هنن عورتن کي ٻڪرين جي پالنا جي صحيح ڄاڻ هوندي ته اُهي بهتر طريقي سان ٻڪرين جي سارسنڀال ڪري، ان مان بهتر پيداوار ۽ نفعو حاصل ڪري سگهن ٿيون

مختلف نسلن جون ٻڪريون مختلف مقصدن لاءِ پاليون وينديون آهن، جنهن ۾

- گوشت حاصل ڪرڻ لاءِ
- کير حاصل ڪرڻ لاءِ

ٻڪرين جا نسل

سنڌ ۾ عام طور هيٺين نسلن جون ٻڪريون ملنديون آهن

- ڪاموري
- پٿيري
- ٽيڊي
- ناچي
- گلابي



ٽيڊي



ناچي



گلابي



پٿيري



ڪاموري

ڪاموري ٻڪري جو تعارف



ٻڪرين جي سرتاج نسل کي ڪاموري سڏيو ويندو آهي، سندس ڪن وڏا ۽ ڪنڌ ڪامريڊن وانگر مٿي هوندو آهي، هلڻ ويهڻ ۽ چرڻ ۾ سليقي واري هوندي آهي
ڪاموري ٻڪري جهنگ ۾ موجود ڪاڌ مور جو گاھ کائيندي آهي جنهن جي ڪري ان نسل کي ڪاموري سڏيو ويندو آهي
ڪاموري نسل جي ٻڪري سنڌ ۾ اڪثر ڪري نوابشاھ،دادو، لاڙڪاڻو ۽ حيدرآباد ضلعن ۾ پالي وڃي ٿي
هن نسل جي ٻڪرين جو رنگ ڳاڙهو ناسي هوندي آهي، جسم تي ڪارا يا پورا نشان هوندا آهن، هن نسل جي ٻڪرين جو قد پورا ۽ سهڻو، نر جو سراسري وزن 72 کان 75 ڪلوگرام ۽ مادي 48 ڪلو گرام ٿي ٿو
هن نسل جي خوبصورتي جا ٻي قسم مشهور آهن جن ۾ سورٹي، لونگي ۽ اجرڪي سڏجن ٿا



ڪاموري ٻڪري جون ڪجھ خاصيتون

ڪاموري ٻڪري ۾ 115 کان 120 ڏينهن ۾ سراسري کير جي پيداوار 210 ڪلوگرام ڏيندي آهي، انتري هن کي غريبن جي گئون پڻ سڏيو ويندو آهي
هن جو کير لذيذ، گهاٹو، عاضمي دار ۽ جسي قوت ۾ خاطرخواھ اضافو ڪندڙ آهي
هي ٻڪري ٻه يا ٻن کان وڌيڪ ڦر ڏيڻ جي صلاحيت رکي ٿي
هي زمين تي اهڙايل گاھ نه چرندي آهي ۽ نه ئي گاھ جي مٿان پيشاب ڪندي آهي
هن نسل تي،عام بيمارين اثر گهٽ ڪندين آهن جيتوڻيڪ تيز گرمي ۽ سردي هن کي جاني نقصان پهچائي سگهي ٿي

ٻڪرين جي سارسنڀال جا ڪجھ بنيادي اصول

ڪنهن به جانور جي بهتر پيداوار حاصل ڪرڻ جو ذمهدار ان جي سٹي سارسنڀال تي آهي، سٹي سارسنڀال جا ڪجھ بنيادي اصول هيٺ ڏجن ٿا



- واڙي کي صاف ستڙو ۽ هوادار رکڻ گهرجي ۽ واڙي جي ڇت گهٽ ۾ گهٽ 8 کان 10 فٽ مٿي ٺاهڻ گهرجي
- واڙي جي ڏينهن ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٻه دفعا صفائي ضرور ڪرڻ گهرجي
- واڙي جي اندر پاڻي جي نيڪال جو مناسب انتظام هڻڻ گهرجي ته جيئن واڙي کي خشڪ ۽ صاف ستڙو رکي سگهجي
- واڙي ۾ ٻڪرين کي پاڻي ۽ خوراڪ جي آسان ۽ آزاد رسائي هڻڻ گهرجي
- پاڻي پيئڻ، گاھ کائڻ ۽ رهڻ جي جڳهه تي ڇانو جو مناسب انتظام هڻڻ گهرجي
- ٻڪرين کي روزانو ٿوري دير باهر ضرور گهمائڻ ڦيرائڻ/اجارڻ گهرجي



صحتمند بکرين جون نشانيون

- بکري جون اکيون چمڪدار ۽ صاف هجن
- بکري جي چمڙي چمڪدار هجي
- بکري کائڻ پيئڻ بهتر هجي
- بکري چست ۽ تندرست نظر اچي
- بکري جو وات ۽ ناسون صاف هجن





بيمار بکرين جون نشانيون

- بکري جي اکين ۾ گند پريل هجي
- چمڙي خشڪ ۽ ان جا وار چندا هجن
- بکري کي دست لڳل هجن
- بکري ڏڻ کان تار ٻيئل هجي
- بکري کي کنگهه ۽ زڪام هجي
- بکري صحت ۾ ڪمزور هجي



بکرين جي بيمارين جا ڪجهه اهم سبب

قدرتي طور تي بکرين ۾ بيمارين ٿيڻ جا ڪيترائي سبب آهن مثال طور

- صحيح نموني چارو نه کارائڻ
- سٿي سار سنڀال جو نه هجڻ
- غير مناسب آبهوا

بکرين ۾ اکثر بن قسمن جون بيمارين ٿين ٿيون

- جراثيمي بيمارين
- وبائي بيمارين

بيمارين کان بچڻ لاءِ بکرين کي بچاءَ جا ٽڪا لڳرايا وڃن ته جيئن بکرين کي بيمارين کان محفوظ رکي سگهجي

بکرين جون ڪجهه اهم بيمارين ۽ ان کان بچاءُ

رڙاوان دست (آنڊن واري بيماري)

هي بيماري بيڪٽريا جي حملي جي ڪري ٿيندي آهي، جيڪا اڪثر برسات کان پوءِ يا بهار جي موسم ۾ ٿيندي آهي



علامتون

شديد بخار، ڪنڌ جهڪائي رهڻ، جاڙي هلائڻ، مڙڻ کان ٿورو پهرين رڙاوان دست لڳڻ

احتياطي اُپاءَ

وقت تي حفاظتي ٽڪا لڳرائڻ

برساتي موسم ۾ بکرين کي داڻي واري خوراڪ ڏيڻ کا پرهيز ڪرڻ

شديد بيماري جي حالت ۾ ويجهي جانورن جي ڊاڪٽر فورن سان رابطو ڪرڻ

ساماڙو يا مهاڙو

هي بيماري هڪ خاص قسم جي وائرس جي حملي جي ڪري ٿيندي آهي، جيڪا متاثر بڪري جي چپڻ ۽ رطوبتن جي ذريعي خارج ٿئي ٿي ۽ صحتمند جانورن کي متاثر ڪري ٿي



علامتون

شديد بخار، زبان ،وات، ڪُر ۽ اوهه تي زخم ٿيڻ، وات مان ڳچ جو وهڻ ۽ جانور جو منڊيڪائڻ هن بيماري جون اهم علامتون آهن

احتياطي اُپاءَ

- وقت تي حفاظتي ٽڪا لڳرائڻ
- بيمار بڪري کي صحتمند بڪرين کان جلدي ڌار ڪرڻ ۽ ان جي پاڻي ۽ کاڌي جي استعمال جون شيون الڳ ڪرڻ
- شديد بيماري جي حالت ۾ ويجهي جانورن جي ڊاڪٽر فورن سان رابطو ڪرڻ

پي پي آر (ڪاٽا)

هي بڪرين جي هڪ عام بيماري آهي جنهن جو حملو برساتي موسم ۾ وڌيڪ ٿيندو آهي ۽ هن ۾ موت جي شرح تمام گهڻي ٿئي ٿي. هي بيماري بڪرين جي رت،اکين،نڪ ۽ وات مان خارج ٿيندڙ پاڻي، چپڻ ۽ پيشاب مان ڦهلجندي آهي



علامتون

شديد بخار، نڪ ۽ وات مان بدبودار پاڻي خارج ٿيڻ، اکين تي سوج، منهن ۽ نڪ جي جهلي جي سوج، بک نه لڳڻ ۽ ساهه کڻڻ ۾ مشڪلات، چيڪون ۽ نمونيا هن بيماري جون اهم علامتون آهن

احتياطي اُپاءَ

- وقت تي حفاظتي ٽڪا لڳرائڻ
- بيمار بڪري کي صحتمند بڪرين کا جلدي ڌار ڪرڻ ۽ ان جي پاڻي ۽ کاڌي جي استعمال جون شيون الڳ ڪرڻ
- شديد بيماري جي حالت ۾ ويجهي جانورن جي ڊاڪٽر فورن سان رابطو ڪرڻ

سي سي پي (ڦڦڙي/نمونيا)

سياري جي موسم ۾ ڏاڍا بيمارڻ ۾ بي احتياطي ، ڦڦڙن جا جراثيم ۽ هوا جو غير مناسب انتظام نمونيا جا بڪرين ۾ اهم سبب آهن



علامتون

متاثر جانور کائڻ پيئڻ ڇڏي ڏيندو آهي تيز بخار، ساهه کڻڻ ۾ تڪليف ، کنگهه ۽ نڪ مان پاڻي وهڻ

احتياطي اُپاءَ

- وقت تي حفاظتي ٽڪا لڳرائڻ
- بيمار بڪري کي صحتمند بڪرين کا جلدي ڌار ڪرڻ ۽ ان جي پاڻي ۽ کاڌي جي استعمال جون شيون الڳ ڪرڻ
- شديد بيماري جي حالت ۾ ويجهي جانورن جي ڊاڪٽر فورن سان رابطو ڪرڻ

ٻڪرين جا پيٽ ۽ چمڙي جا ڪيڙا

هنن قسمن جي ڪيڙن جي ڪري ٻڪريون ڪمزور رهن ٿيون ۽ پيداوار ۾ گهٽتائي ٿئي ٿي
ٻڪرين ۾ جئن قسمن جا ڪيڙا ٿين ٿا



- جگر جا ڪيڙا
- ڦڦڙن جا ڪيڙا
- آنڊن جا ڪيڙا
- چچڙ

علامتون

ٻڪرين جو مٽي کائڻ ، چمڙي جو خشڪ ٿيڻ ، ٻڪرين کي ڪڏهن دست ،ته ڪڏهن قبض جو هجڻ ، اکين ۾ پچون، ۽ کاڌو گهٽ کائڻ

احتياطي اُپاءَ

- ٻڪرين کي هرٽئين مهيني پيٽ جي ڪيڙن جي دوا پيارڻ گهرجي
- ٻڪرين کي چمڙي واري سئي چچڙن کان لڳرائڻ گهرجي
- شديد بيماري جي حالت ۾ ويجهي جانورن جي ڊاڪٽر فورن سان رابطو ڪرڻ گهرجي

ٻڪرين جي بيمارين کان بچاءُ جا ڪجهه اهم اصول

وٿاڻ جو صاف سٿرو ۽ هوادار هجڻ



ٻڪرين کي پيٽ جي ڪيڙن جي دوا پيارڻ



ٻڪرين کي بيمارين کان بچاءُ جا ٽڪا لڳرائڻ



ٻڪرين کي چچڙن کان بچاءُ جون سيون لڳرائڻ



ٻڪرين جي ٻچاڻ جي ٽڪن جو ٽائيم ٽيبل

بيماري جو نالو	بيماري جو مهينو	ٽڪي جو وقت	ويڪسين جو نالو ۽ ٽڪي جو وزن
رتاوان ڏست	جنوري ۽ جولائي	جون ۽ ڊسمبر جو آخري هفتو	اي ٽي وي ويڪسينٽي سي سي چمڙي هر
نمونيا، گلڪيو، ڦڦڙي	جون ۽ ڊسمبر	مئي ۽ نومبر جو پهريون هفتو	سي سي پي ويڪسين هڪ سي سي چمڙي هر
ٻڪرين جي ماتا يا سيڙا	مارچ	فيبروري جو آخري هفتو	گوٽ پاڪس ويڪسين هڪ سي سي چمڙي هر
ڪاتا	جون ۽ ڊسمبر	مئي ۽ نومبر	پي پي آر ويڪسين هڪ سي سي چمڙي هر
ڪارو واء	سيپٽمبر	آگسٽ جو مهينو	انٽريڪس ويڪسين هڪ سي سي چمڙي هر
مُهاڙو/ساماڙهو مُنهن ڪُر جي بيماري	ڊسمبر ۽ جنوري	آڪٽوبر يا نومبر	ايف ايم ڊي ويڪسين هڪ سي سي چمڙي هر
گل گهوٽو، ڳٽو	آگسٽ ۽ ڊسمبر	جولائي ۽ نومبر جو آخري هفتو	ايچ ايس ويڪسين هڪ سي سي چمڙي هر

ٻڪرين جي متوازن خوراڪ ۽ اُن جي اهميت

ٻڪرين جي سُٺي صحت، وڌيڪ گوشت ۽ ڪير حاصل ڪرڻ لاءِ لازمي آهي ته انهن کي وقت تي ۽ متوازن غذا مهيا ڪجي ۽ خوراڪ جانورن جي وزن ۽ گهرج مطابق کارائجي. متوازن خوراڪ مجموعي طور تي هيٺين قسمن جي ٽيندي آهي

دانيدار خوراڪ جهڙوڪ هر قسم جي ان وارا دانا ۽ ڏارو ۽ ڪڪڙن جي ڪڙ، سرهن جي ڪڙ وغيره



ساوا گاهه جهڙوڪ ٻاجهري ۽ جوار، مڪئي، جَوَ، لوسڻ برسيم، جنتر ۽ ٻيا چاري لاءِ استعمال ٿيندڙ گاهه وغيره



سڪل گاهه جهڙوڪ ٻُهه، پلال، سُڪل جوار، مڪائي، ٻاجهري جا ڪانا، سڪل جَوَ، ۽ ٻيرن جا پلوا وغيره



ٻڪرين جي کاڌ خوراڪ ۽ اُن جي اهميت

ٻڪرين جي پيداوار جو دارومدار بهتر کاڌ خوراڪ تي آهي. روايتي طور تي ٻڪرين کي پالڻ جو طريقو ٻاهر چرائي تي هوندو آهي جيڪو گهڻي اهميت رکي ٿو ٻڪرين لاءِ 4 کان 8 ڪلاڪ روزانو چرائي ڪرائڻ تمام ضروري آهي

ڏکين ٻڪرين جي کاڌ خوراڪ

ڏکي ٻڪري کي ويهر کان هڪ مهينو پهريان چرائي سان گڏ 1 پاءُ کان اڌ ڪلو روزانو دانيدار خوراڪ (ڏاڙو يا چلهه) ضروري آهي اهڙي خوراڪ نه ڏيڻ گهرجي جنهن سان ٻڪرين ۾ قبضي يا آڦري نه ٿئي

ڦر ڏيڻ کان پوءِ ٻڪرين جي کاڌ خوراڪ

ويهر کان پوءِ ٻڪري کي 8 کان 10 ڪلوگرام سائي گاه سان گڏ قبض ڪشا خوراڪ جهڙوڪ ڪڻڪ ، جو ۽ مڪئي جو جو ڏاڙو ڏيڻ گهرجي
جيڪڏهن سائو گاه موجود نه آهي ته پوءِ هڪ ڪلوگرام سڪل گاه سان گڏ 200گرام کان 400 گرام تائين دانيدار خوراڪ (ڏاڙو يا چلهه يا مرڪب) ڏين گهرجي ته جيئن صحت ۽ کير جي پيداوار بهتر ٿي سگهي.

نئي جاول ڦرن جي پالنا ۽ انهن جي کاڌ خوراڪ

نئي جاول ڦرن جي پيدائش جي 3 ڪلاڪن اندراڌ ڪلر پهريون کير(پِسُ) 300 گرام پيارڻ گهرجي، جيڪا 3 ڏينهن تائين پيارڻ گهرجي
ٻن هفتن کان پوءِ ڦرن کي سائو گاه پڻ ڏيڻ گهرجي
کان 4 هفتن جي عمر ۾ ڦرن جي سڻي واڌويجهه لاءِ دانيدار خوراڪ (ڏاڙو يا چلهه يا مرڪب) گهرجي 3 ڦرن کي بيمارين کان بچاءِ جا ٽڪا لڳرائڻ تمام ضروري آهن





ٻڪرين جي لاءِ راشن

- ڪَکڙن جي ڳڙ (Pumpkin Pit)
- ٽوريي جي ڳڙ (Rape Seed)
- چوڪر (Husk)
- ڳڙ جو شيرو (Molasses)
- ڪڻي (Rice Husk)
- منرل مڪسچر (Mineral Mixture)

ٻڪرين جي لاءِ پاڻي جو مقدار

ٻڪرين کي هڪڙي ڏينهن ۾ 10 کان 15 ليٽر پاڻي پيئڻ گهرجي



بکرين جي پالڻ جا صحيح ۽ غلط طريقا

صحيح طريقو



غلط طريقو



بکرين جي پاڻي پيئڻ جا صحيح ۽ غلط طريقا

صحيح طريقو



غلط طريقو



بکرين جي کاڌو کائڻ جا صحيح ۽ غلط طريقا

صحيح طريقو



غلط طريقو



ٻڪرين جي گاھ ڪائڻ دوران ڪجھ ضروري ھدايتون

ٻڪرين کي گاھ ٻندر ۾ ڏيڻ گھرجي
ٻڪرين کي گاھ ۽ پاڻي صاف ستڙو ڏيڻ گھرجي
ڪائڻ دوران رسو گھٽو سوڙھو نه ھجي
ٻڪرين کي ڪچري وارو ڪاڏو نه ڏيڻ گھرجي
وٽاڻ جي صبح شام صفائي ڪرڻ گھرجي

PROVIDING EARLY RECOVERY SUPPORT TO THE AFFECTED POPULATION

جيڪڏهن اوهان جي نظر ۾ اسان جي عملي متعلق ڪنهن به قسم جي حق تلفيءَ يا ڪرپشن جو ڪو واقعو ٿيو آهي ته اسان سان رابطو ڪيو

ڪنهن به قسم جي شڪايت يا مشوري ڏيڻ لاءِ اوهان اسان سان هيٺ ڏنل طريقيڪار ذريعي رابطو ڪري سگهو ٿا



موبائل ذريعي



خط ذريعي



اي ميل ذريعي



ڳوٺ جي گڏجاڻين ذريعي



شڪايت باڪس ذريعي



آمهون سامهون

تنظيم جو نالو	ايف آر ڊي پي	ڪيئر انٽرنيشنل
شڪايت لاءِ نمبر	+92 3360244673	+923335753211/051 8852022
اي ميل ذريعي	complaints@frdp.org.pk	pak.feedback@care.org

خط جي ذريعي

ايف آر ڊي پي، آفيس سامهون روشن تارا اسڪول بائي پاس روڊ تعلقو ميهڙ ضلعو دادو

DISASTERS EMERGENCY COMMITTEE

care

FRDP



HEAD OFFICE

www.frdp.org.pk +92 22 2651015 info@frdp.org.pk

House No. B-108 HDA Extension North, Behind City School Qasimabad, Hyderabad, Sindh Pakistan

PROJECT OFFICE ADDRESS:

FRDP office Opposite to Roshan Tara School Main Bypass Road Mehar, District Dadu Sindh